# سنڌ آرڊيننس نمبر IV مجريه 1976

# SINDH ORDINANCE NO.IV OF 1976

# سنڌ يونيورسٽيز (ترميم) آرڊيننس، 1976

# THE SINDH UNIVERSITIES (AMENDMENT) ORDINANCE, 1976

## (CONTENTS) فهرست


تمهيد (Preamble)

1. مختصر عنوان ۽ شروعات

Short title and commencement

2. 1972 جي سنڌ ايڪٽس XXIV ۽ XXV جي ترميم

Amendment of Sindh Acts XXIV and XXV of 1972

# سنڌ آرڊيننس نمبر IV مجريہ 1976

# SINDH ORDINANCE NO.IV OF 1976

# سنڌ يونيورسٽيز (ترميم) آرڊيننس، 1976

# THE SINDH UNIVERSITIES (AMENDMENT) ORDINANCE, 1976

[17 فيبروري 1976]

آرڊيننس جنهن ذريعي سنڌ يونيورسٽي ايڪٽ، 1972 ۽ ڪراچي يونيورسٽي ايڪٽ، 1972 ۾ وڌيڪ ترميم ڪئي ويندي.

تمهيد (Preamble)

جيئن تہ سنڌ يونيورسٽي ايڪٽ، 1972 ۽ ڪراچي يونيورسٽي ايڪٽ، 1972 ۾ وڌيڪ ترميم ڪرڻ ضروري ٿي پئي آهي، جيڪا هن ريت هوندي؛

۽ جيئن تہ صوبائي اسيمبلي جو اجلاس هلندڙ نہ آهي ۽ سنڌ جو گورنر مطمئن آهي تہ صورتحال کي نظر ۾ رکندي تڪڙن بنيادن تي قانون سازي ڪئي وڃي:

هاڻي تنهن ڪري، اسلامي جمهوريہ پاڪستان جي آئين جي آرٽيڪل 128 جي شق (1) موجب مليل اختيار استعمال ڪندي سنڌ جي گورنر هيٺيون آرڊيننس جوڙي نافذ ڪرڻ فرمايو آهي:

مختصر عنوان ۽ شروعات
Short title and

1. (1) هن آرڊيننس کي سنڌ يونيورسٽيز (ترميم) آرڊيننس، 1976 سڏيو ويندو.

(2) هي فوري طور لاڳو ٿيندو.

commencement

1972 جي سنڌ ايڪٽس XXIV ۽ XXV جي ترميم

Amendment of Sindh Acts XXIV and XXV of 1972

2. سنڌ يونيورسٽي ايڪٽ، 1972 ۽ ڪراچي يونيورسٽي ايڪٽ، 1972 ۾ پهرين اسٽيٽيوٽس ۾:

(i) لفظ "خزانچي" جتي بہ اچي اتي، لفظ "ڊائريڪٽر آف فنانس" متبادل بڻايا ويندا؛

(ii) دفعہ 2 ۾، شق (n) ڪانپوءِ، هيٺين نئين شق شامل ڪئي ويندي:

"(nn) 'پرو وائيس چانسيلر' مطلب يونيورسٽي جو پرو وائيس چانسيلر؛"؛

(iii) دفعہ 3 ۾:

(a) ذيلي دفعہ (1) ۾، فل اسٽاپ ڪان اڳ لفظ "پر گورنمينٽ ڪي يونيورسٽي جي هٿ هيٺ ڪنهن بہ هنڌ تي اضافي ڪيمپس جوڙڻ يا ڪنهن تعليمي اداري کي ڪيمپس ۾ تبديل ڪرڻ يا دفعہ 36-A تحت يونيورسٽي جي انتظام ۽ ضابطي هيٺ ڪنهن ڪاليج کي ڪمپس ۾ تبديل ڪرڻ جو اختيار حاصل هوندو" وڌايا ويندا؛

(b) ذيلي دفعہ (2) ۾:

(i) شق (i) لاءِ، هيٺين ريت متبادل بڻايو ويندو:

"(i) چانسيلر ۽ پرو چانسيلر؛ ۽:

(a) مين ڪيمپس ۾، وائيس چانسيلر، پرو وائيس چانسيلر، ڊينس، پرنسيپال، ڊائريڪٽرس، رجسٽرار، ڊائريڪٽر آف فنانس، امتحانن جو ڪنٽرولر، لائبريرين، چيف اڪائونٽنٽ، برسر، آڊيٽر ۽ اهڙا ٻيا عملدار جيئن بہ ڄاڻايو ويو هجي؛

(b) اضافي ڪيمپس ۾، پرو وائيس چانسيلر، ڊينس، ٽيچنگ ڊپارٽمينٽس جا چيئرمين ۽ اهڙا ٻيا عملدار، جيڪي وقت بوقت چانسيلر طرفان مقرر ڪيا وڃن.”؛

(ii) شق (iv) ۾، فل اسٽاپ کي ڪولن سان تبديل ڪيو ويندو ۽ ان کانپوءِ هيٺيون شرطيہ بيان وڌايو ويندو:

“بشرطيڪ چانسيلر، ڪنهن تعليمي اداري ۾ واڌو ڪيمپس جوڙڻ جي صورت ۾ يا يونيورسٽي جي ضابطي ۽ انتظام هيٺ ڪاليج ۾ شق (i) جي ذيلي شق (b) ۾ ڄاڻايل عملدارن ۽ ملازمن جي سلسلي ۾ دفعہ 36-A تحت بورڊ آف گورنرز قائم ڪري سگهي ٿو.”؛

(iv) دفعہ 9 ۾:

(a) شق (iii) کانپوءِ هيٺين شق شامل ڪئي ويندي:

(b) شق (x) کانپوءِ هيٺيون نيون شقون شامل ڪيون وينديون:

“(x-a) چيف اڪائونٽنٽ؛

(x-b) برسر؛

(x-c) آڊيٽر؛”؛

(v) دفعہ 10 ۾، ذيلي دفعہ (6) کانپوءِ هيٺين ريت اضافو ڪيو ويندو:

“(7) چانسيلر، هن ايڪٽ جي گنجائشن موجب، ۽ حڪومت جي عام يا خاص حڪمن سان، يونيورسٽي جي مين ڪيمپس جي ڪنهن اختياري، عملدار يا ملازم جا اختيار ۽ ڪم اضافي ڪيمپس جي ڪنهن اختياري، عملدار، ملازم يا

ڪنهن ٻئي شخص کي اضافي ڪيمپس ۾ اهڙا اختيار استعمال ڪرڻ يا اهڙا ڪم سرانجام ڏيڻ لاءِ سونپي سگهي ٿو ۽ ان مقصد لاءِ چانسيلر اضافي ڪيمپس ۾ نوان عهدا پيدا ڪري سگهي ٿو.”؛

(vi) دفعہ 14 کانپوءِ، هيٺيون نئون دفعہ شامل ڪيو ويندو:

(پرو وائيس چانسيلر)

“14_A. (1) پرو وائيس چانسيلر چئن سالن جي عرصي لاءِ چانسيلر طرفان وائيس چانسيلر سان صلاح مشوري بعد اهڙين شرطن ۽ ضابطن موجب مقرر ڪيو ويندو، جيئن چانسيلر طئي ڪري، ۽ اهو تيستائين آفيس رکي سگهندو، جيستائين چانسيلر چاهي.

(2) پرو وائيس چانسيلر کي ڊائريڪٽر فنانس، رجسٽرار، امتحانن جي ڪنٽرولر ۽ يونيورسٽي جي ٻين انتظامي ڪمن تي وائيس چانسيلر جي نگراني ۾ سمورو ضابطو ۽ نظرداري هوندي، بشرطيڪ اضافي ڪيمپس جو پرو وائيس چانسيلر ان ڪيمپس جي سلسلي ۾ يونيورسٽي جي ڪنهن اختياري، عملدار يا ملازم جا اهڙا اختيار استعمال ڪري ۽ اهڙا ڪم سرانجام ڏئي سگهي ٿو، جيڪي ڪيس چانسيلر طرفان سونپيا وڃن.”؛

(vii) دفعہ 16 کي ان دفعہ جي ذيلي دفعہ (1) طور نمبر ڏنو ويندو ۽ ان کانپوءِ هيٺيون نئون ذيلي دفعہ شامل ڪيو ويندو:

“(2) ڊائريڪٽر فنانس جي چيف اڪائونٽنٽ، برسر ۽ آڊيٽر پاران مدد ڪئي ويندي.”؛

(viii) دفعہ 18 لاءِ، هيٺين ريت متبادل بڻايو ويندو:

(چيف اڪائونٽ، برسر ۽ آڊيٽر)

“18. چيف اڪائونٽنٽ، برسر ۽ آڊيٽر يونيورسٽي جا ڪل وقتي عملدار هوندا.”؛
(ix) دفعہ 20 جي ذيلي دفعہ (1) ۾، شق (iii) کانپوءِ، هيٺين شق شامل ڪئي ويندي:
“(iii-a) پرو وائيس چانسيلر؛”؛
(x) دفعہ 22 جي ذيلي دفعہ (1) ۾، شق (i) کانپوءِ، هيٺين شق شامل ڪئي ويندي:
“(i-a) پرو وائيس چانسيلر؛”؛
(xi) دفعہ 28 جي ذيلي دفعہ (2) جي ٻئي شرطيہ بيان کانپوءِ، هيٺين ريت ٽئين شرطيہ بيان جو اضافو ڪيو ويندو:
“بشرطيڪ ذيلي دفعہ (1) جي شق (k) ۾ جاچايل ڪنهن بہ معاملي سان لاڳاپيل قاعدا، چانسيلر طرفان جوڙيا ويندا.”؛
(xii) دفعہ 36 کانپوءِ، هيٺيون دفعہ وڌايو ويندو:
(اداري يا ڪاليج کي تحويل ۾ وٺڻ)
“36-A. (a) چانسيلر ڪنهن جڙيل اداري يا ڪاليج جي درخواست تي، اهڙي تعليمي اداري يا ڪاليج جو ضابطو ۽ انتظام يونيورسٽي طرفان سنڀاليا وڃن.
(2) چانسيلر، اهڙي تعليمي اداري يا ڪاليج جي اثرائتي انتظاميا ۽ ضابطي لاءِ بورڊ آف گورنرس قائم ڪري سگهي ٿو.
(3) بورڊ آف گورنرز مشتمل هوندو:
(i) پرو چانسيلر چيئرمين؛
(ii) وائيس چانسيلر وائيس چيئرمين؛
(iii) پرو وائيس چانسيلر ميمبر/سيڪريٽري؛
(iv) اهڙا ٻيا ميمبر جيڪي چانسيلر طرفان مقرر ڪيا وڃن.
(4) چانسيلر جي عام يا خاص هدايت موجب بورڊ آف گورنرز

اهڙي اداري يا ڪاليج ۾ اهڙي عام نگراني ۽ اهڙن معاملن جو ضابطو سنڀالي سگهي ٿو جيئن هدايت ڪئي وڃي ۽ اهڙن اختيارن جي عام حيثيت جي تعصب ڪانسواءِ هوندا:

(a) يونيورسٽي طرفان وقت بوقت اداري يا ڪاليج هلائڻ لاءِ جاري ڪيل رهنمائي جي روشني ۾ حڪمت عملي جوڙڻ؛

(b) اداري يا ڪاليج جي ملڪيت جو ضابطو ۽ انتظام؛

(c)اداي يا ڪاليج جي فنڊس، فنانس، اثاثن ۽ انويسٽمينٽس جو حساب ڪتاب سنڀالڻ ۽ هلائڻ؛

(d) اداري يا ڪاليج جا اڪائونٽس ڄاڻايل طريقي موجب سنڀالڻ ۽ ڄاڻايل طريقي موجب اهڙن اڪائونٽس جي آڊٽ ڪرڻ؛ ۽

(e) اداري ۽ ڪاليج جا استاد ۽ ٻيا مالزم مقرر ڪرڻ ۽ انهن خلاف انتظامي ڪارروائي جو اختيار رکڻ.”؛

(xiii) دفعہ 40 ڪانپوءِ، هيٺين ريت دفعہ 40 طور اضافو ڪيو ويندو:

(سپر اينوئيشن جي عمر)

“40_A. يونيورسٽي جو هڪ عملدار، استاد يا ٻيو ملازم سروس کان هيٺين ريت رٽائر ٿيندو:

(i) اهڙي تاريخ تي، جنهن ڪانپوءِ هن ملازمت جا پنجويهہ سال پورا ڪيا آهن اهو پينشن ۽ ٻين رٽائرمينٽ جي فائدن جو اهل هوندو، جيئن مجاز اختياري هدايت ڪري؛ يا

(ii) جتي شق (i) تحت ڪا هدايت ناهي ڏني وئي تہ، استاد جي صورت ۾ سٺ سال ۽ ٻين ڪيسن ۾ انونجاهہ سال عمر هوندي.

وضاحت: هن دفعہ ۾ “مجاز اختياري” مطلب مقرر ڪندڙ

اختياري يا مقرري ڪنڊڙ اختياري طرفان ان سلسلي ۾ مڪمل طور مجاز بڻايل شخص، ان عملدار، استاد يا ٻئي لاڳاپيل شخص کان عهدي ۾ گهٽ نہ هئڻ گهرجي.“؛

(xiv) دفعہ 50 کانپوءِ، هيٺين ريت اضافو ڪيو ويندو:

(عدالتي ڪارروائي تي پابندي)

“51. ڪنهن عدالت کي هن ايڪٽ تحت ڪيل ڪنهن ڪم يا ڪنهن ڪم ڪرڻ جي ارادي يا ڪو ڪم ڪرڻ جي سوچ تي ڪنهن ڪارروائي يا ان سلسلي ۾ ڪو حڪم جاري ڪرڻ جو اختيار نہ هوندو، ان تي عدالتي ڪارروائي هلائي نہ سگهبي، يا روڪ نہ ڪري سگهبي.

(ضمانت)

52. ڪا بہ قانوني ڪارروائي حڪومت، يونيورسٽي يا ڪنهن اختياري، عملدار يا يونيورسٽي جي سرڪاري ملازم خلاف نہ ٿيندي، جيڪڏهن انهن هن ايڪٽ تحت ڪو ڪم ڪيو هجي يا ڪم جو ارادو ڪيو هجي، يا ڪم ڪيو هجي.“؛

(xv) پهرين قاعدن ۾، پراگراف 8 جي شق (1) ۾:

(i) شق (i) لاءِ هيٺين ريت تبديلي ڪئي ويندي:

“(a) مين ڪيمپس جي صورت ۾:

(i) پرو وائيس چانسيلر (چيئرمين)؛“؛

(ii) ذيلي شق (v) ۾، لفظ ”۽“ جيڪو آخر ۾ اچي ٿو ان کي ختم ڪيو ويندو.

(iii) ذيلي شق (vi) ۾، آخر ۾ ايندڙ فل اسٽاپ کي سيمي ڪولن سان تبديل ڪيو ويندو ۽ لفظ ”۽“ ۽ ان کانپوءِ هيٺين ريت اضافو ڪيو ويندو:

"(vii) يونيورسٽي گرانٽس ڪميشن جي طرفان نامزد ٿيل."؛

(b) اضافي ڪيمپس جي صورت ۾:

(i) پرو وائيس چانسيلر (چيئرمين)؛

(ii) پرو وائيس چانسيلر طرفان ٽيچنگ ڊپارٽمينٽس لاءِ ٻه چيئرمين نامزد ڪيا ويندا يا جتي اهڙي بورڊ طرفان اتي ڪو بورڊ آف گورنرز هجي ته ان طرفان نامزد ٿيندا.

(iii) چانسيلر طرفان نامزد ٿيل؛

(iv) يونيورسٽي گرانٽس ڪميشن طرفان نامزد ٿيل؛

(v) ڊائريڪٽر، فنانس."

**نوٽ:۔ آرڊيننس جو مذڪوره ترجمو عام ماڻهن جي واقفيت لاءِ آهي جيڪو ڪورٽ ۾ استعمال نٿو ڪري سگهجي.**